مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب

ستين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ

## سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

**شيخ نديم تصور**

M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed.



®

زم زم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباهہ

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®
ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيلہ گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لکي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

## اسٽاڪسٽ

نيو مهراڻ بُڪ اسٽور — نم جي چاڙهي سکر — 071-5626093

مهراڻ بُڪ سينٽر — شاهي بازار سکر — 071-5624790، 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | حمد (نظم) | 05 |
| 02 | پاڻ سڳورن ﷺ وٽ علم جي اهميت | 09 |
| 03 | قومي جهنڊو | 14 |
| 04 | نعت | 19 |
| 05 | امام ابو حنيفه رحمة الله عليه | 23 |
| 06 | خليفو محمود فقير رحمة الله عليه | 28 |
| 07 | نمي گمي نهار تون | 32 |
| 08 | يونان جو سفر | 36 |
| 09 | اسلامي ڪانفرنس تنظيم | 40 |
| 10 | مولانا محمد صادق کڏي وارو | 45 |
| 11 | محبت وطن جي | 49 |
| 12 | شهيد هوش محمد شيدي | 53 |
| 13 | ڪمپيوٽر | 58 |
| 14 | عالم سڀ آباد ڪرين | 64 |
| 15 | شهيد حڪيم محمد سعيد | 69 |
| 16 | سلهه جي بيماري | 75 |
| 17 | سونا سونا سنگ | 78 |
| 18 | مهاڻو | 82 |
| 19 | منهنجو وطن | 86 |
| 20 | صحت جا دشمن | 90 |
| 21 | واهه قدرت رب ڪريم | 94 |

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
| --- | --- | --- |
| 22 | تِتِرُ | 98 |
| 23 | سنڌو درياءُ | 101 |
| 24 | ڪفايت شعاري | 104 |
| 25 | ڪونڙي ٻئراج | 108 |
| 26 | پوليو | 112 |
| 27 | ماحول جي گدلاڻ | 115 |
| 28 | بهار آيو | 119 |
| 29 | اڇو تہ آڪاٽي ٻڏون | 122 |
| 30 | سهڻا سخن | 125 |

سبق 1

# حمد



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| الاهي | ڌڻي، رب، الله | | |
| ڪرم | مهرباني، ٻاجھ | | |
| قراري | قرار وارو | | |
| اصل کان | شروع کان | | |
| ڏکيا | تنگ | | |
| ڏوهاري | ڏوھ ڪندڙ، گنهگار | | |
| ڏجئين | تون ڏجاءِ | | |
| دين | مذهب | ڏکن | تڪليفن |
| ڪسون | ڪٽ، برايون | قلب | دل |
| گهاري | گذاري | ڏوجهرن | تڪليفن |
| ٻتائج | ٻڌائج، ڏيکارج | ترتئون | تڪڙو، جلدي |
| سنوارج | سيکارج | ساٿي | سنگتي، دوست |

## بيتن جي سمجهاڻي

الاهي! ڪرم ڪر اسان تي قراري،
آهيون اصل کان سڀ ڏکيا ۽ ڏوهاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مرزا قليچ بيگ“ چوي ٿو تہ اي اسان جا پالڻھار، اسان جي هن حال تي رحم فرماءِ. اسين تنهنجا گنهگار بندا آهيون، اسان تي تون ٻاجھ فرماءِ.

ڏجئين دين ايمان پنهنجي ڪرم سان،
ڪَسُون قلب مان ڪوري ڪڍجئين ڪُفاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "مرزا قليچ بيگ" چوي ٿو ته اي رب پاڪ اسان کي پنهنجي ڪرم ۽ ٻاجهه سان دين ۽ ايمان ڏي ۽ اسان کي گناهن کان پاڪ ڪر.

ڏکن ڏوجهڙن جي خزان ڪئي خرابي،
ڀلا آڻ ڪا، سُک سندي نوبهاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "مرزا قليچ بيگ" چوي ٿو ته اي الله پاڪ ڏکن ۽ تڪليفن اسان کي تمام گهڻو پريشان ڪيو آهي. هاڻي مهرباني ۽ ڪرم ڪري، اسان کي سک جو وقت ڏيکار.

نڪو خير جو ڪم ڪيو سون، خدايا!
گناهن ۾ گهاري، عمر سڀ گذاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "مرزا قليچ بيگ" چوي ٿو ته الله سائين، اسان سڄي زندگي ڪو چڱو ڪم نه ڪيو آهي، اسان سڄي زندگي گناهن ۾ گذاري آهي.

چڱائيءَ جو رستو بتائج اسان کي،
ڪريون شال توبهه جي ترتئون تياري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "مرزا قليچ بيگ" چوي ٿو ته الله سائين اسان کي هاڻي چڱائيءَ جو رستو ڏيکار ته جيئن اسان جلد توبهه جي تياري ڪريون.

آهيون غير واقف، نڪو سونهون ساٿي،
اڳيان پيچرا پيا، مٿان رات ڪاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "مرزا قليچ بيگ" چوي ٿو ته الله پاڪ اسان اڻ واقف آهيون، چاڪاڻ ته ڪوبه اڳواڻ ڪونهي، اڳيان ڏکيا رستا آهن ۽ مٿان ڪاري رات آهي.

عبادت سندو شوق ڏي تون اسان کي،
سنوارج سيڪارج هنر سڀ هزاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مرزا قليچ بيگ“ چوي ٿو تہ اي اسان جا پالڻهار اسان کي عبادت جو شوق عطا ڪر ۽ سڀ هنر سيکار.

نمي تو اڳيان چئي ”قليچ“ اي خداوند!
ڪريون دل سان توبهہ ۽ هر وقت زاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مرزا قليچ بيگ“ چوي ٿو تہ اي الله پاڪ! اسان تو اڳيان جهڪي دل سان توبهہ ڪريون ٿا. اسان جي اها توبهہ قبول فرماءِ.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي حمد ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج. هي حمد ”مرزا قليچ بيگ“ جو لکيل آهي.

2. اسان جا ڏک ختم ڪندڙ ڪير آهي؟
ج. اسان جا ڏک ختم ڪندڙ الله تعاليٰ آهي.

3. چڱائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو ڪير آهي؟
ج. چڱائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو الله تعاليٰ آهي.

### ب هيٺيان خال ڀريو

1. الاهي! ڪرم ڪر ـــــ اسان ـــــ تي قراري
2. ڏکن ـــــ ڏوجهڙن ـــــ جي خزان ڪئي خرابي

3 سنوارج ___سيڪارج___ هُنر سپ هزاري

4 ڪريون دل سان ___توبهه___ ۽ هر وقت زاري

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| ڪَسُ | ڪَسُون | خزان | خزائون |
| پيچرو | پيچرا | رستو | رستا |
| چڱائي | چڱايون | خرابي | خرابيون |

سبق 2

# پاڻ سڳورن ﷺ وٽ علم جي اهميت



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تهذيب | ثقافت | بامقصد | مقصد واري |
| حيوان | جانور | پرائڻ | حاصل ڪرڻ |
| بنيادي | اهم | ميسر | حاصل |
| مشرڪ | شرڪ ڪندڙ | هدايتون | نصيحتون،حڪم |
| پرک | سڃاڻ | ساڃهه | عقل،سمجهه |

### سبق جو خلاصو

اهو علم ئي آهي جيڪو اسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻائي ٿو. علم نُور آهي، جنهن جي روشنيءَ سان دين توڙي دنيا جون هيڏيون ترقيون ٿيون آهن.

انسانن جي سڀ کان وڏي محسن حضرت محمد ﷺ جن جي زندگيءَ تي نظر وجهبي ته خبر پوندي ته پاڻ ﷺ هميشه اها هدايت ڪئي آهي، ته پنهنجي زندگي هرگهڙي علم حاصل ڪرڻ ۾ گذاريو. پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي ته ”جمڻ کان مرڻ تائين علم حاصل ڪريو“. وڌيڪ تاڪيد

ڪندي فرمائين ٿا تہ ”علم جي طلب ڪرڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي“.

حضور ﷺ جن ان انسان کي ڀلو سڏيو آهي، جيڪو پاڻ تہ علم سکي ٿو پر ٻين کي بہ سيکاري ٿو، پاڻ سڳورن ﷺ جن علم حاصل ڪرڻ لاءِ فرمايو آهي تہ ”علم جي ڳولها ڪريو، پوءِ ڀل ان جي تلاش ۾ اوهان کي چين وڃڻو پوي“.

بدر جي جنگ ۾ مڪي جا ڪجهہ ڪافر مسلمانن وٽ جنگي قيدي ٿي آيا، انهن ۾ جيڪي پڙهيل هئا، وٽن فديہ لاءِ رقم موجود نہ هئي ، تن کي چيو ويو تہ هرهڪ ڏهن مسلمانن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري تہ پوءِ کين آزاد ڪيو ويندو.

حضور ﷺ جن سموري حياتي مبارڪ انسانن کي علم ڏيندي گذاري. پاڻ انسان ذات جا سڀ کان وڏا معلم هئا. سندن فرمان آهي تہ ”آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ڪرم الله وجهہ ان جو دروازو آهي“.

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ ”پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سڄي حياتي انسان ذات کي علم سيکاريندي گذري“ اهوئي سبب آهي تہ انساني زندگيءَ جو اهڙو ڪوبہ شعبو ناهي، جنهن متعلق سندن ڪو فرمان نہ هجي. انسانن کي گهرجي تہ اهي حضور ﷺ جن جي تعليم تي عمل ڪن.

اسان کي گهرجي تہ اسين علم حاصل ڪريون ۽ علم جي مدد سان پنهنجي وطن کي ترقي وٺايون، سچ تہ علم اسان کي پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي رب کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. بدر جي جنگ ۾ قيد ٿي آيل مشرڪن کي پاڻ سڳورن ﷺ ڇا فرمايو؟

ج. بدر جي جنگ ۾ قيد ٿي آيل مشرڪن کي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن پڙهيل مشرڪ قيدين کي فرمايو تہ اوهان مان جيڪو ڏهن مسلمانن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندو، ان کي آزاد ڪيو ويندو.

2. پاڻ سڳورن ﷺ جن علم جو دروازو ڪنهن کي سڏيو آهي؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن علم جو دروازو حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ کي سڏيو آهي.

3. پاڻ سڳورن ﷺ ڪهڙي انسان کي ڀلو انسان سڏيو آهي؟

ج. حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن اُن انسان کي ڀلو سڏيو آهي، جيڪو پاڻ بہ سکي ٿو ۽ ٻين کي بہ سيکاري ٿو.

4. حضرت بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها، پاڻ سڳورن ﷺ جي باري ۾ ڇا فرمايو؟

ج. حضرت بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها جن فرمايو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي سڄي حياتي انسان ذات کي علم سيکاريندي گذري.

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

1. علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي ___فرض___ آهي.
2. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن وٽ علم جي اهميت

توحيد، روزي، زڪوٰت ۽ حج وانگر اهم آهي.

3. حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن فرمايو ”علم حاصل ڪريو پوءِ ڀلي توهان کي چين ڇو نه وڃڻو پوي.

4. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم پوري انسان ذات لاءِ محسن آهن.

5. اوهان مان جيڪو ڏهن مسلمانن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندو ان کي آزاد ڪيو ويندو.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. علم کي دنيا جي تهذيب ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي.

(i) علم ✓ (ii) دولت (iii) بهادريءَ

2. انسان کي علم ئي صحيح انسان بڻائي ٿو.

(i) طاقتور (ii) غلط (iii) صحيح ✓

3. علم انسان کي با مقصد زندگي گذارڻ جا گس ڏسي ٿو.

(i) بامقصد ✓ (ii) بي مقصد (iii) بهترين

4. بدر جي جنگ ۾ ڪجهه مڪي جا مشرڪ قيدي ٿي آيا.

(i) احد (ii) احزاب (iii) بَدر ✓

5. اوهان مان جيڪو ڏهن مسلمانن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندو، ان کي آزاد ڪيو ويندو.

(i) پنجن (ii) ڏهن ✓ (iii) پندرهن

## د لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| تاڪيد | زور ڀرڻ |
| جملو | حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن علم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو تاڪيد ڪيو آهي. |
| محسن | احسان ڪندڙ |
| جملو | حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن سڄي ڪائنات جا محسن آهن. |
| توحيد | هيڪڙائي |
| جملو | اسان کي هر وقت الله تعاليٰ جي توحيد بيان ڪرڻ گهرجي. |
| مشرڪ | شرڪ ڪندڙ |
| جملو | مشرڪ جي توبه قبول نه ٿيندي آهي. |
| معلم | علم سيکاريندڙ |
| جملو | حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن انسان ذات جا سڀ کان وڏا معلم آهن. |

## ل هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سچ | ڪوڙ | خراب | سٺو |
| عالم | جاهل | پڙهيل | اڻ پڙهيل |
| نيڪي | بدي | جنگ | امن |

# قومي جهنڊو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| محبت | پيار | مٿانهون | اوچو |
| خبر | معلومات | بهادر | سورهيه |
| عيوضي | نمائندو | سوڀ | فتح |
| شهيد | الله جي راهه ۾ فوت ٿيل | ڳاٽ | ڪنڌ |
| صحابي | پاڪ سڳورن جو دوست | جهڪڻ | نِمڻ |
| حفاظت | سنڀال | سربراهه | حاڪم |
| | ملاقات | گڏجاڻي | |

### سبق جو خلاصو

دنيا جي سيني ملڪن کي پنهنجا پنهنجا جهنڊا هوندا آهن، اسان جي ملڪ کي به پنهنجو قومي جهنڊو آهي، جنهن جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي. سائي رنگ واري حصي تي چنڊ ۽ تارو ٺهيل آهي. سائو رنگ ملڪ جي گهڻائيءَ واري يعني مسلمان قوم کي ظاهر ڪري ٿو ۽ اڇو رنگ اقليتن کي ظاهر ڪري ٿو. جنگ احد ۾ حضور ﷺ مسلمانن جو جهنڊو حضرت مصعب نالي هڪ اصحابي کي ڏنو، هن اصحابي سڳوري جهنڊي جو ايترو مانُ رکيو جو جڏهن هي پيارو اصحابي شهيد ٿيو، تڏهن به جهنڊو سندس سيني سان لڳل هو. خيبر جي جنگ ۾ حضور ﷺ جهنڊو حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪيو ۽ مسلمانن کي سوڀ نصيب ٿي.

اسين پاڪستاني به جڏهن پنهنجي قومي جهنڊي کي اتانهون

ڦڙڪندي ڏسندا آهيون ته اسان جي دلين ۾ به نئون جوش ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ پيار وڌي ويندو آهي.

اسان سيني پاڪستانين جو فرض آهي ته پنهنجي پياري ملڪ جي قومي جهنڊي سان محبت ڪريون ۽ سندس لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهون.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. هر ملڪ کي پنهنجو قومي جهنڊو ڇو هوندو آهي؟

ج. هر ملڪ کي پنهنجو قومي جهنڊو سڃاڻپ لاءِ هوندو آهي.

2. پاڻ سڳورن ﷺ جنگ احد ۾ ڪهڙي اصحابي سڳوري جي جهنڊو حوالي ڪيو؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جنگ احد ۾ اصحابي حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه جي جهنڊو حوالي ڪيو.

3. خيبر جي جنگ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جهنڊو ڪنهن جي حوالي ڪيو؟

ج. خيبر جي جنگ ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جهنڊو حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪيو.

4. پاڪستان جي جهنڊي ۾ ڪهڙا رنگ آهن ۽ انهن جو مقصد ڇا آهي؟

پاڪستان جي جهنڊي ۾ سائو ۽ اڇو رنگ آهي، جهنڊي جو سائو رنگ ملڪ جي گهڻائيءَ واري آبادي يعني مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿو، سائو رنگ خوشحالي ۽ سرسبزيءَ جي

علامت آهي. اڇو رنگ ٻين مذهبن جي رهاڪن ۽ امن جي علامت آهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. هر ملڪ کي پنهنجو قومي جهنڊو هوندو آهي.

(i) شهر (ii) صوبي (iii) ملڪ ✓

2. جهنڊي جو سائو رنگ ملڪ جي گهڻائيءَ واري آبادي يعني مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿو.

(i) اڇو (ii) سائو ✓ (iii) نيرو

3. سائو رنگ خوشحاليءَ ۽ سرسبزيءَ جي علامت آهي.

(i) سائو ✓ (ii) اڇو (iii) ڪارو

4. عالمي راندين، ميلن ۽ نمائشن ۾ هر ملڪ جا ماڻهو پنهنجا جهنڊا جهولائيندا آهن.

(i) صوبائي (ii) ملڪي (iii) عالمي ✓

5. اسان جي قومي جهنڊي ۾ ٻه رنگ آهن.

(i) ٻه ✓ (ii) ٽي (iii) چار

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نمائندگي | اڳواڻي |
| جملو | جهنڊي جو سائو رنگ گهڻائيءَ واري آبادي يعني مسلمانن جي نمائندگي ڪري. |

| علامت | نشاني |
|---|---|

جملو: جهنڊي ۾ سائو رنگ خوشحالي ۽ سرسبزيءَ جي علامت آهي.

| عيوضي | نمائندا |
|---|---|

جملو: جڏهن ٻه ڪن ملڪن جا عيوضي ملاقات ڪندا آهن ته ٻنهي ملڪن جا قومي جهنڊا ڦرڪائيندا آهن.

| سربراهه | اڳواڻ |
|---|---|

جملو: سڀ ذميواريون ملڪ جي سربراهه مٿان هونديون آهن.

| اصحابي | ساٿي |
|---|---|

جملو: جنگ احد ۾ اصحابي حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه کي جهنڊو ڏنو ويو.

| رهواسي | رهڻ وارا |
|---|---|

جملو: پاڪستان جا سمورا رهواسي پنهنجي قومي جهنڊي سان محبت ڪندا آهن.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| آڳاٽي | هاڻوڪي | ٽورائي | گهٽائي |
| اڇو | ڪارو | جنگ | امن |
| سوڀ | شڪست | اوچو | نيچو |

## ر هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| جهنڊو | جهنڊا | علامت | علامتون |
| پيارو | پيارا | جنگ | جنگيون |
| شهادت | شهادتون | ڪوشش | ڪوششون |

سبق 4

# نعت



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| منجهه | ۾ |
| مند | موسم |
| هِنئين | دل |
| حمد | تعريف |
| هادي | هدايت ڪندڙ |
| مرسل | موڪليل رسول |
| نور | روشني |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| شڪر | مهرباني |
| مختيار | اختيار وارو |
| خلق | مخلوق، ماڻهو |
| معراج | مٿي چڙهڻ |

## بيتن جي سمجهاڻي

ڏکيءَ دل جو آهي سهارو محمدﷺ<br>
وڏي شان ۽ مان وارو محمدﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان جي ڏکيءَ دل ڪي حضرت محمدﷺ جو ئي سهارو آهي ۽ اهو وڏي شان ۽ مان مرتبي وارو آهي.

پلا بيا به آهن پلارا نبي پر،<br>
پلو تن ڪان آهي پلارو محمدﷺ .

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته جيڪي به نبي آيا، اهي سيئي نبي پلا آهن، پر انهن مڙني جو اسان جو نبي ﷺ سردار نبي آهي.

ويو عرش معليٰ تي مدني محمد ﷺ،
ڏسي آيو سارو نظارو محمد ﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان جو پيارو نبي ﷺ عرش معليٰ تي معراج جي رات سير ڪري آيو، جتي ڪوبه نه وڃي سگهيو آهي، ۽ پاڻ ﷺ هرهڪ منظر ڏسي آيا آهن.

صحيفا سيئي ڏين ٿا گواهي،
سچو آ سچو آ سچارو محمد ﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته شروع ڪان وٺي جيڪي به آسماني صحيفا نازل ٿيا آهن، اهي به شاهدي ٿا ڏين ته حضرت محمد ﷺ الله پاڪ جو سچو نبي آهي.

شڪر آ محمد جا ئي ٿا سڏجون،
هو مرسل اسان جو آ پيارو محمد ﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته الله سائينءَ جو شڪر آهي جو اسان حضرت محمد ﷺ جا امتي آهيون، ۽ پاڻ اسان جا نبي آهن.

هو هادي هدايت ٿو ڏي خلق کي،
مجيون ٿا آ مختيار يارو محمد ﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته پاڻ ﷺ سڀني کي هدايت ڏيندڙ آهن.

خدا خود ڪئي مرحبا مرحبا،
اونداهيءَ ۾ روشن ستارو محمد ﷺ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته الله پاڪ پاڻ معراج جي رات پنهنجي پياري محبوب ﷺ کي ڀليڪار ڪئي، ڇوجو حضرت محمد ﷺ اونداهيءَ ۾ روشني ڪندڙ آهي.

ڪيان چونہ ان جي ثناء پيو مان ”غازي“
خدا کي بہ سڀ کان آ پيارو محمدﷺ .

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ مان ان پاڪ ۽ پياري نبيﷺ جي تعريف چونہ ڪيان! جيڪو الله سائينءَ کي بہ سڀ کان وڌيڪ پيارو آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڏُکيءَ دل جو سهارو ڪير آهي؟

ج: ڏُکيءَ دل جو سهارو حضرت محمد صلي الله عليه وآلہٖ وسلم آهي.

2. خدا کي سڀ کان پيارو ڪير آهي؟

ج: خدا کي سڀ کان پيارو حضرت محمد صلي الله عليه وآلہٖ وسلم آهي.

3. صحيفا سيئي ڇا تا گواهي ڏين؟

ج: سيئي صحيفا گواهي ڏين تا تہ حضرت محمد صلي الله عليه وآلہٖ وسلم سچو نبي آهي.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. دکيءَ دل جو آهي سهارو محمد صلي الله عليه وآلہٖ وسلم.
2. ڪيان چو نہ ان جي ثناء پيو مان غازي.
3. صحيفا سيئي ڏين تا گواهي
4. هو هادي هدايت تو ڏي خلق کي

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| سهارو | نااميدي | اونداهي | روشني |
| هدايت | گمراهي | پيارو | ويري |
| ستارو | گرهه | عرش | فرش |

## د لفظن جي معنيٰ لکيو جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| هادي | هدايت ڪندڙ |

جملو: حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن سموري جهان لاءِ هادي بڻجي آيا.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| عرش | آسمان |

جملو: حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن عرش معليٰ تي وڃي سمورو نظارو ڪري آيا.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سچارو | سچو/سچ ڳالهائيندڙ |

جملو: سيني کان وڌيڪ سچارو دنيا ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ئي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| پيارا | سٺا |

جملو: سڀ نبي پيارا آهن پر حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن سيني کان وڌيڪ پيارا آهن.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| گواهي | شاهدي |

جملو: حضرت محمدصلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي نبوت جي گواهي هر هڪ مسلمان ڏي ٿو.

سبق 5

# امام اعظم ابو حنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڄاڻ | معلومات | رهاڪو | رهڻ وارو |
| صحبت | سنگت، تعلق | فتويٰ | فيصلو |
| مهارت | قابليت | اخلاق | سٺي عادت |
| پيغام | نياپو | نازل ٿيو | لٿو |
| مادري ٻولي | ماءُ جي ٻولي | مجتهد | اجتهاد ڪرڻ وارو |
| لطف | مزو | واقف | ڄاڻو |
| اختلاف | ويڇا | آڌو | سامهون |

## سبق جو خلاصو

الله تعاليٰ انسان ذات جي سڌاري لاءِ مختلف وقتن ۾ مختلف علائقن ۾ پنهنجا پيارا پيغمبر موڪليندو رهيو ته جيئن اهي انسانن کي اخلاق ۽ انصاف جي تعليم ڏين. اهڙي طرح انهن پيغمبرن ۾ حضرت محمدﷺ سيني کان آخري پيغمبر جي حيثيت ۾ عربستان جي علائقي ۾ آيا. جيئن ٻين نبين تي مختلف ڪتاب نازل ٿيا، ساڳيءَ طرح حضورﷺ تي الله تعاليٰ آخري ڪتاب قرآن شريف نازل ڪيو، جيڪو عربي ٻوليءَ ۾ آهي.

جيئن جيئن اسلام عربستان جون حدون پار ڪندو اڳتي وڌڻ لڳو ته ٻين علائقن جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ مسلمان ٿيڻ لڳا. ان صورت ۾ اها ضرورت محسوس ڪئي وئي ته اتان جي علائقن ۾ ٿيندڙ مسلمانن کي قرآن جي تعليم سندن ٻوليءَ ۾ سيکاري وڃي، ته جيئن قرآن شريف ۽ حديث ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي سولي سمجهاڻيءَ سان بيان ڪري سگهجي. اهو ڪم عالمن ۽ مجتهدن جو هو.

امام ابو حنيفه رحه به هڪ وڏو عالم ۽ مجتهد هو. سندس اصل نالو نعمان بن ثابت هو. حضرت امام ابو حنيفه رحه جي والد صاحب حضرت علي رضي الله عنه جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. هي پهريون عالم ۽ مجتهد آهي، جنهن قرآن شريف کي فارسي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ ڏني. ان فتويٰ جي ڪري ٻين ٻولين ۾ به ترجمي جي ذريعي قرآن پاڪ کي سمجهڻ لاءِ تمام گهڻي سولائي پيدا ٿي وئي.

اسلام جو پيغام جيئن جيئن مختلف ملڪن ۾ پکڙجڻ شروع ٿيو ۽ قرآن شريف جي قاعدن ۽ قانونن يعني شريعت موجب فيصلا ٿيڻ لڳا ته ان وقت قرآن پاڪ جي روشنيءَ ۾ اسلامي قانون جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڏس ۾ سڀ کان اوليت امام ابو حنيفه رحه جي فقه کي حاصل آهي، جنهن کي ”فقه حنفي“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

امام ابو حنيفه رحه کي بغداد جي گورنر ڪوفي شهر جي قاضيءَ جي عهدي جي آڇ ڪئي پر پاڻ انڪار ڪيائون، جنهن تي گورنر ڪاوڙجي کيس قيد ڪري ڇڏيو ۽ ان قيد ۾ ئي 150 هجري ۾ وفات ڪري ويو، کيس بغداد ۾ دفن ڪيو ويو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 امام ابو حنيفه رحه ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج امام ابو حنيفه رحه عراق جي شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيو.

2 امام ابو حنيفه رحه جو اصل نالو ڇا هو؟

ج امام ابو حنيفه رحه جو اصل نالو نعمان بن ثابت هو.

3 قرآن مجيد کي ٻين ٻولين ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ ڪنهن ڏني؟

ج قرآن مجيد کي ٻين ٻولين ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ امام ابو حنيفه رحه ڏني.

4 اسان قرآن مجيد جي پيغام کي آسانيءَ سان ڪيئن سمجهي سگهون ٿا؟

ج اسان عربي ٻولي سکي قرآن مجيد جي پيغام کي آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا.

5 امام ابو حنيفه رحه جي شاگردن ۾ ڪهڙا وڏا عالم ٿي گذريا آهن؟

ج قاضي ابو يوسف ۽ امام شيباني امام ابو حنيفه رحه جا شاگرد ۽ وڏا عالم ٿي گذريا آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. مجتهدن جو اڳواڻ عجمي نسل مان امام اعظم ابوحنيفه رحه هو.
2. امام ابو حنيفه رحه قرآن مجيد کي فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ ڏني.
3. فقه حنفيءَ جو امام اعظم ابوحنيفه رحه آهي.
4. ابو حنيفه رحه سندس ڪنيت يا سڃاڻپ هئي.
5. قاضي ابو يوسف ۽ امام شيباني امام ابو حنيفه رحه جا شاگرد ۽ وڏا عالم ٿي گذريا آهن.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. قرآن مجيد عربي ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. ص
2. عربستان جي ماڻهن جي مادري ٻولي فارسي هئي. غ
3. مجتهد انهيءَ عالم کي چيو ويجي ٿو جيڪو قرآن مجيد ۽ حديث مان مسئلن کي سولائيءَ سان سمجهائي سگهي. ص
4. ابو حنيفه رحه جي پيءُ حضرت عمر رضي الله عنه جي چوڻ تي اسلام قبول ڪيو هو. غ
5. ابو حنيفه رحه پهريون عالم هو جنهن قرآن پاڪ کي فارسيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ ڏني. ص

## د لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مجتهد | اجتهاد/ ڪوشش ڪندڙ |

جملو: مجتهد ان کي چئبو آهي جيڪو قرآن ۽ حديث مان مسئلن کي آسانيءَ سان سمجهائي سگهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پيغام | نياپو |

جملو: اسان کي گهرجي ته قرآن پاڪ جي پيغام کي سمجهون.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| فتويٰ | شرعي حڪم |

جملو: قرآن پاڪ کي ٻين ٻولين ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ امام ابو حنيفه رحہ ڏني.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عظمت | وڏائي |

جملو: اسان کي الله تعاليٰ جي هر وقت عظمت بيان ڪرڻ گهرجي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پکڙجڻ | ڦهلجڻ |

جملو: اسلام جي پکڙجڻ سان مختلف ملڪن ۾ به قرآن پاڪ جي قاعدن ۽ قانونن موجب فيصلا ٿيڻ لڳا.

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| آخري | پهريون | آزاد | قيد |
| اقرار | انڪار | اوکو | سوکو |
| ڏکيائي | سولائي | روشني | اونداهي |

سبق 6

# خليفو محمود فقير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مشائخ | شيخ جو جمع | چڱن | سٺن |
| صحبت | سنگت | گفتگو | ڳالهه ٻولهه |
| ڪامل | مڪمل | وحدت | هيڪڙائي، توحيد |
| عقيدت | ايمان | پانڌيئڙو | پنڌ ڪندڙ |
| جُڙي | مڪمل ٿي | قصا | داستان |
| نيڪوڪار | پرهيزگار | ذڪر | بيان |
| حصن | ڀاڳن | مقبرو | روضو |

### سبق جو خلاصو

سنڌ ڪيترن ئي صوفين، مشائخن ۽ بزرگن جي سرزمين رهي آهي. انهن مان خليفو محمود فقير رحہ به هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي.

هي بزرگ 1189 هجريءَ ۾ ضلعي بدين جي ڳوٺ ڪڙيي گهنور ۾ ڄائو. سندس والد صاحب جو نالو گهنور خان نظاماڻي هو. شروعاتي تعليم

ميان عبدالڪريم لڪڙيءَ واري وٽ پڙهيو. ننڍي هوندي کان ئي ڪيس بزرگن جي صحبت ۾ ويهڻ جو شوق هوندو هوس ۽ ويهڻ وقت خاموشيءَ سان سندن گفتگو غور سان ٻڌندو هو ۽ ان صحبت جو ئي اثر ٿيس جو سندس دل ۾ وحدت جي واٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو وڌندي وئي ۽ ائين هن، ان وقت جي پير سائين راشد رحه روضي ڌڻيءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي.

پير سائينءَ هن جي عقيدت ۽ محبت کي ڏسي کيس خلافت عطا ڪئي، جنهن ڪري خليفو سڏجڻ لڳو. خليفي محمود فقير رحه پير صاحب جي حڪم تي سندس خيالن ۽ تعليم تي مبني ملفوظات کي ڪتابي صورت ڏني. ملفوظات جيڪي فارسي زبان ۾ ڪتاب آهي. ان کان علاوه خليفي محمود فقير رحه ”مڪتوبات شريف“ به لکيو، جنهن ۾ پير سائين محمد راشد رحه جا چائيتاليهه خط آهن.

ملفوظات شريف جو سنڌي ترجمو پهريائين ٽن حصن ۾ مولانا محمد قاسم مشوريءَ ڪيو. ان کانپوءِ مڪمل ترجمو مولوي محمد رحيم سڪندريءَ ڪيو.

خليفو محمود فقير رحه 12 ربيع الاول 1267 هه ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو اباڻي ڳوٺ ڪڙيي گهنور ضلعي بدين ۾ آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. خليفي محمود فقير کي ”ڪڙيي گهنور وارو“ ڇو سڏيو ويندو آهي؟

ج خليفو محود فقير ڳوٺ ڪڙيي گهنور ۾ پيدا ٿيو، تنهنڪري کيس ”ڪڙيي گهنور وارو“ سڏيو ويندو آهي.

2. محمود فقير جي والد جو نالو ڇا هو ۽ هو ڪنهن جو خليفو هو؟

ج محمود فقير جي والد جو نالو گهنور خان هو.

3 ڪهڙن بزرگن جي صحبت محمود فقير کي رڱي ڇڏيو؟

ج وقت جي ڪامل ولي الله پير سائين محمد راشد رحہ جي صحبت محمود فقير کي رڱي ڇڏيو.

4 پير سائين روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات اصل ۾ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ آهي؟

ج پير سائين روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات اصل ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1 سنڌ ۾ تمام گهڻا ___مشائخ___ ۽ ___بزرگ___ ٿي گذريا آهن.

2 پير سائينءَ محمود فقير کي ___خلافت___ عطا ڪئي.

3 ملفوظات جي معنيٰ ___زباني لفظ يا چيل گفتا___ آهي.

4 مڪتوبات شريف ۾ ___پيرسائينءَ جا 46 خط___ آهن.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1 ___سنڌ___ ۾ تمام گهڻا مشائخ ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن.

(i) سنڌ ✓ (ii) بلوچستان (iii) خيبرپختونخوا

2 خليفو محمود فقير رحہ ___1189___ھ ۾ ڪڙيي گهنور ۾ پيدا ٿيو.

(i) 1187 (ii) 1188 (iii) 1189 ✓

3 ملفوظات جي معنيٰ آهي.

(i) لکيل لفظ (ii) اکريل لفظ (iii) چيل لفظ ✓

4. اها ملفوظات ___فارسي___ زبان ۾ آهي.

(i) سنڌي (ii) فارسي✓ (iii) انگريزي

5. 12 ربيع الاول 1267ھ تي خليفي محمود فقير جي وفات ٿي.

(i) ربيع الاول✓ (ii) جمادي الاول (iii) ربيع الثاني

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| خراب | سٺو | نوڪر | مالڪ |
| زندگي | موت | حاڪم | غلام |
| واقف | اڻ واقف | انصاف | ظلم |

## ر هم معنيٰ لفظ ڳولي تيرجي نشان سان ملايو.

| | |
|---|---|
| مقام | پيدا ٿيڻ |
| چمن | هيڪڙائي |
| وفات | دوستي |
| وحدت | مرڻ |
| صحبت | جاءِ |

# نمي ڪَمي نهار تون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| نياز سان | ڪمي | جهڪي | نِمي |
| ڏاهو | ساجائو | ڏُک | ڏولائو |
| پلاند | پاند | پري | ڏُور |
| سان | سين | ڪس | ڪٽ |
| پرڪيندڙ | صراف | ڪپهه مان ڳنڍيون ڪڍڻ | رنديا روڙهڻ |
| صفا/ هرگز | مُور | ناتو | نينهن |

## بيتن جي سمجهاڻي

نِمي ڪَمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
تئي ساجائو، جي اُپين انهيءَ پير تي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته تون هميشه نوڙت ۽ نياز واري نظر ڪر. هرڪنهن سان سهٽي ۽ هيٺائينءَ وارو رستو هلندو ڪر. حقيقت هيءَ آهي ته ناراضگيءَ وارو رستو تمام ڪشالي وارو رستو آهي. ان رستي ۾ تڪليفون تمام گهڻيون ايندڙيون آهن. جيڪڏهن تون اهڙو سياڻپ وارو رستو ورتو يا انهيءَ رستي تي بيٺين يا هلين يا ان اصول ڪيتون پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار ڪيو ته تون باادب ۽ چڱن ماڻهن ۾ شامل ٿيندين، يعني جيڪڏهن تون نوڙت ۽ نيازمنديءَ وارو رستو اختيار ڪيو ته تنهنجو هرهنڌ مان مٿانهون ٿيندو.

هو چونئي تون مَ چؤ، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توکي ڪير ڪجهه چوي ته تون صبر ڪر، ڪنهن کي جواب نه ڏي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ماڻهو غلط ڪم جي ابتداء ڪندو، اهو هميشه نقصان ۾ ٽوٽ ۾ پوندو، تنهنڪري توکي گهرجي ته تون ان کي جواب نه ڏي، اڳرائي ڪندڙ پاڻ ئي نقصان ڏسندو ۽ جنهن جي دل ۾ ڪينو، حسد ۽ ساڙ هوندو، ان کي ڪجهه به نه حاصل ٿيندو. اهو هميشه دل ۾ سڙندو ۽ ڳرندو رهندو. باقي جيڪو صبر ڪري ويهندو ته اهو جهولي ڀري روانو ٿيندو ۽ ڪيني ۽ بغض واري جهولي خالي رهندي ۽ اهو خالي هٿين گهر ويندو.

وينءِ جنين وٽ ڏکندو ڏُور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته تون اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪر، جتي تنهنجا درد ۽ ڏک دور ٿين. باقي جتي تنهنجي تڪليف ۾ گهٽتائي نه ٿئي يا توکي وڌيڪ تڪليفون حاصل ٿين، ته اهڙي ماحول ۽ صحبت کي ڇڏي ڏي. اهڙن ماڻهن وٽ وڃي پنهنجو گهر اڏ، جتي تنهنجي ڏکن جو مداوو ٿئي. اتي پنهنجي زندگي سڪون سان گذاري سگهندين. جيڪڏهن تون ائين نه ڪيو ته پوءِ ضرور ڏکن ۽ تڪليفن ۾ واڌارو ايندو.

عقلمندي به اها آهي ته ماڻهوءَ لاءِ جتي اهڙو ماحول هجي، جتي جا ماڻهو ان لاءِ فائديمند ۽ تعاون ڪندڙ هجن ته اتي پنهنجو گهر ٺاهي رهي، نه ته ٻئي هنڌ ان کي تڪليف پهچندي رهندي.

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو اگھايو.

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو تہ جن من ۾ محبت رکي. سادو سودو سُٺ ڪتيو، تن جو تورڻ وارن بنا تورڻ جي قبول ڪيو.

هلو هلو ڪوريين نازڪ جن جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مُور نہ سگھيا.

**سمجھاڻي**: هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو تہ هلو تہ هلون انهن ڪورين وٽ جن جو نينهن سٽ جي سنهي تند وانگر نفيس ۽ نازڪ آهي. اهي سڄو ڏينهن وينا ڳنڍين ٿا، ڇنڻ انهن جي فطرت ۾ ئي ناهي.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. ”محبت پائي من ۾“ جو مطلب ڇا آهي؟

ج. ”محبت پائي من ۾“ جو مطلب آهي، دل ۾ محبت رکڻ.

2. اڳرائي ڪندڙ جو انجام ڪھڙو ٿئي ٿو؟

ج. اڳرائي ڪندڙ جو انجام نقصان وارو ٿئي ٿو، مطلب جيڪو اڳرائي ڪندو ان کي نقصان پوندو.

3. ڪنهن جي اڳيان وڃي پڪڙا اڏجن؟

ج. جيڪي درد جو مداوا ڪن انهن جي اڳيان پڪرا اڏجن.

4. رنديا روڙهڻ جو مقصد بيان ڪريو.

ج. هن بيت ۾ رنديا روهڻ جو مقصد آهي پاڻ پتوڙڻ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪرڻ.

## ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. ٺئي ساجائو جي اُيين انهيءَ پير تي،
2. پاند ۾ پائي ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.
3. هلو هلو ڪوريين نازڪ جنين جو نينهن
4. چِنڻ مور نہ سڪا

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏمر | عذاب |
| جملو | الله تعاليٰ جي ڏمر کان هميشہ پناهہ گهرجي. |
| ڏولائو | ڏک |
| جملو | ٻين جو ڏولائو دور ڪرڻ بہ نيڪي آهي. |
| ساجائو | ڏاهو |
| جملو | ساجائو انسان ٻين جا مسئلا حل ڪندو آهي. |
| ڪٽ | زنگ/ڪينو |
| جملو | هر ڪنهن کي پنهنجي دل مان ڪٽ ختم ڪرڻ گهرجي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| چِڏڻ | وٺڻ | نازڪ | مضبوط |
| ڳنڍين | ڇنن | اڳ | پٺ |
| اڏي | ڍاهي | اڳرائي | پٺتي |

سبق 8

# يونان جو سفر



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| يونان | ملڪ جو نالو | ايٿنس | شهر جو نالو |
| پئرس | شهر جو نالو | مهل | وقت |
| شو | پروگرام، ڏيک | قديم | اوائلي |
| شروعات | ابتدا | ڳولائو | تلاش ڪندڙ |
| منظر | نظارو | حقيقت | سچ |
| قبل مسيح | حضرت عيسيٰ کان اڳ | ذريعي | وسيلي |
| عظمت | شان | واقف | باخبر |

### سبق جو خلاصو

دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ ۽ شهر آهن، جن جي پويان ڪونہ ڪو تاريخي واقعو لاڳاپيل آهي. اهڙي طرح يونان جو شهر ايٿنس بہ انهن مان هڪ آهي. تنوير عباسيءَ پنهنجي سفرنامي ۾ ان شهر جي جيڪا تصوير ڏيکاري آهي، سا هن طرح آهي.

رات جي ٽائيم تي اسان ايٿنس پهتاسين، اميگريشن وارن اسان

تي خاص نظر رکي، پوءِ چڱيءَ طرح جاچ ڪان پوءِ اسان کي فارغ ڪيو. مان ۽ منهنجي گهرواري ايئرپورٽ تان ٽئي ڊالرن جا ”درام“ متايا ۽ هڪ هوٽل تي ڪمرو بُڪ ڪرايو سين. رات لائونج ۾ گذاري. صبح جو سج جي نڪرڻ سان ٽئي بس آئي ۽ اسان ان ۾ چڙهي شهر ڏانهن روانا ٿياسين. منهنجي گهرواري شهر جو نمونو ڏسي چيو ته هي شهر ته ڪراچيءَ جهڙو پيو لڳي. ٻه ماڙ، ننڍا ۽ خوبصورت بنگلا ۽ هوٽل وري لنڊن ۽ پيرس جي هوٽلن کان ٻيڻا ڪشادا ۽ ڪرائي ۾ تمام سستا هئا.

منجهند جو شهر جو چڪر هڻڻ لاءِ نڪتاسين. هن شهر ۾ به روم وانگر هزارين سال پراڻا آثار به آهن ته جديد عمارتون پڻ آهن. ايٿنس ۾ سج لهڻ وقت ”آواز ۽ روشنيءَ جو ڏيک“ ٿيندو آهي ۽ هزارين ماڻهو اهو ڏيک ڏسي خوش ٿيندا آهن. اهو ڏيک ڏيڍ ڪلاڪ تائين هلندو آهي، انهيءَ جي شروعات هيئن ٿيندي آهي، ”مان ايٿنس آهيان، او دنيا ۾ سچ جا ڳولائو مون ڏانهن اچو!“ اهڙي طرح ان ڏيک ۾ بازنطين بادشاهه (4800 قبل مسيح) هٿان ايٿنس جي تباهيءَ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ۽ گهوڙن جي ٽاپن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ان کان پوءِ آواز ايندو آهي ته ”هنن ايٿنس کي باهه ڏني. ان جملي اچڻ سان ڳاڙهي روشني ظاهر ٿيندي آهي، جڻ ته ايٿنس ٻري رهيو آهي. ان کان پوءِ عظيم انجنيئر آرڪيٽيڪٽ ”پيريڪلس“ جو آتت پريو آواز گونجندو آهي ته مان ايٿنس ٻيهر تعمير ڪندس“.

ايٿنس وارا اهو شو ڏيکاري سڄي دنيا کي پنهنجي تاريخ جي عظمت ۽ شان ڏيکارڻ چاهيندا آهن. ڇا سنڌ ۾ مڪليءَ، موئن جي دڙي، ڪوٽ ڏيجيءَ يا رني ڪوٽ تي اهڙو شو نٿو ڪري سگهجي!؟

# مشق

## ا هينين سوالن جا جواب لکو.

1. ”درام“ ڪتان جو سِڪو آهي؟
ج. ”درام“ يونان جو سِڪو آهي.

2. ايٿنس جو وڏي ۾ وڏو مندر ڪهڙو آهي؟
ج. ايٿنس جو وڏي ۾ وڏو مندر زيوس جو مندر آهي.

3. ايٿنس ڪهڙي ملڪ جو شهر آهي؟
ج. ايٿنس يونان ملڪ جو شهر آهي.

4. پيريڪلس جو ڪهڙو آواز ايندو آهي؟
ج. پيريڪلس جو آتت ڏيندڙ آواز گونجندو آهي، ”مان ايٿنس پيهر تعمير ڪندس.“

5. ايٿنس وارا اهو شو ڇا لاءِ ڪندا آهن؟
ج. ايٿنس وارا ان شو جي ذريعي سڄيءَ دنيا کي پنهنجي تاريخ جي عظمت کان واقف ڪندا آهن.

## ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. ٻاهر ڏنم ته ايٿنس جو ___سڄ___ چمڪي رهيو هو.
2. هِن شهر جو نمونو ___ڪراچي___ جهڙو پيو لڳي.
3. گهوڙن جي ٽاپُن جا ___آواز___ ايندا آهن.
4. رات ٽيڻ سان شو ___شروع___ ٿيندو آهي.
5. ___ائڪرو پولس___ تي ٻاڙهي روشني وڏي ويندي آهي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. ٽوئرسٽ انفرميشن جي ڪائونٽر تان هوٽل جو ڪمرو بُڪ ڪرايوسين. **ص**
2. هتان جو زيوس جو مندر ننڍي ۾ ننڍو مندر آهي. **غ**
3. اهو شو ٽي ڪلاڪ هلندو آهي. **غ**
4. پوءِ ايٿنس جي تعمير ۽ 4800 قبل مسيح ۾ بازنطين هتان سندس تباهه ٿيڻ جو بيان ٿيندو آهي. **ص**
5. ايٿنس ۾ سج لٿي مهل ”آواز ۽ روشنيءَ جو ڏيک“ ٿئي ٿو. **ص**

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| آٿت | دلجاءِ |
| جملو | مريضن کي آٿت ڏيڻ گهرجي. |
| عظيم | تمام وڏو |
| جملو | شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سنڌ جو عظيم شاعر آهي. |
| آثار | نشان |
| جملو | ايٿنس ۾ هزارين سال پراڻا آثار به ملن ٿا. |
| ڏيک | منظر |
| جملو | ايٿنس ۾ سج لٿي مهل آواز ۽ روشنيءَ جو ڏيک ٿئي ٿو. |
| ڌيان | غور |
| جملو | اميگريشن وارن سيئي ڪاغذ ڌيان سان چيڪ ڪيا. |

سبق 9

# اسلامي ڪانفرنس تنظيم

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| فعال | ڪم ڪندڙ، چست | | |
| سهڪار | مدد | | |
| پرڏيهي | غير ملڪي | | |
| ڪوٺائڻ | سڏائڻ | | |
| وفد | ٽولو | استحڪام | مضبوطي |
| استحصال | پاڙون پٽڻ | صيهوني | يهودي |
| جارحيت | ناجائز چڙهائي | اثر رسوخ | پهچ وارو |

### سبق جو خلاصو

دنيا ۾ جنهن تي به ظلم ٿيندو آهي ته ان ظلم کي روڪڻ لاءِ ايڪي ڪرڻ وارو رستو اختيار ڪري، ان ظلم سان مهاڏو اٽڪائبو آهي. اهڙي طرح اسلامي ڪانفرنس تنظيم به مسلم ملڪن وچ ۾ اسلامي اتحاد ۽ ياڻپيءَ جي بنياد تي وجود ۾ آئي. اها تنظيم 1969ع ۾ قائم ڪئي وئي. والاريل بيت المقدس واري مسجد اقصيٰ ۾ اسرائيلين طرفان باهه ڏيڻ واري واقعي کان پوءِ سيني ملڪن جي پرڏيهي وزيرن اسلامي سربراهه ڪانفرنس سڏائڻ جي رٿ ڏني ته جيئن ان ظلم خلاف سڀ گڏجي ڪو لائحه عمل ڪيجي. اهڙي طرح اها اسلامي سربراهه ڪانفرنس مراڪش جي شهر رباط ۾ ڪوٺائي وئي. ان پهرين سربراهه ڪانفرنس ۾ 24 مسلمان ملڪن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ مسجد اقصيٰ ۾ باهه لڳڻ

جي واقعي تي ۽ سڄي وچ-اوڀر جي صورتحال تي غور ڪيو ويو ۽ پاڻ ۾ مسلم ٻڌيءَ تي زور ڏنو ويو.

وري 1973ع ۾ عرب اسرائيل جنگ شروع ٿي ته مسلم سربراهي ڪانفرنس سڏائي وئي، جيڪا پاڪستان جي شهر لاهور ۾ منعقد ٿي. 22 فيبروري کان 24 فيبروري 1974ع تائين جاري رهي. ان ڪانفرنس ۾ 40 ملڪن جي سربراهن ۽ وفدن کان سواءِ فلسطين جي اڳواڻ ياسر عرفات پڻ شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس سڏائڻ ۾ سعودي عرب جي شاهه فيصل، لبيا جي صدر ڪرنل قذافي ۽ پاڪستان جي سابق وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي اڻٿڪ ڪوششون ونيون ان کي ڪامياب بڻايو. هن ڪانفرنس ۾ به اسرائيل جي ڏاڍ کي گهٽوڻنديو ويو.

ٽين اسلامي ڪانفرنس جنوري 1981ع ۾ سعودي عرب جي شهر طائف ۾ شاهه خالد جي صدارت ۾ ٿي ۽ آخر ۾ ”اعلان مڪي“ جي نالي سان ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جنهن ۾ صيهونين جي وڌندڙ جارحيت کي ننديو ويو.

اهڙيءَ طرح هن وقت تائين نو (9) اسلامي سربراهي ڪانفرنس جا اجلاس ٿي چڪا آهن. 2003ع ۾ اسلامي سربراهه ڪانفرنس جو اجلاس ملائيشيا ۾ ٿيو، جنهن ۾ ڪانفرنس جي سربراهه ملائيشيا جي صدر مهاتير محمد مسلمان ملڪن جي سربراهن کي اپيل ڪئي ته اهي مسلمان ملڪن خلاف ٿيندڙ يهودي سازشن جو پنهنجي گڏيل طاقت سان مقابلو ڪن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسلامي ڪانفرنس تنظيم جو بنياد ڪڏهن پيو؟

ج اسلامي ڪانفرنس تنظيم جو بنياد 1969 ۾ پيو.

2 پهرين اسلامي سربراهه ڪانفرنس ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟

ج پهرين اسلامي سربراهه ڪانفرنس 22 کان 25 سيپٽمبر تي رباط ۾ ٿي.

3 ٻي اسلامي سربراهه ڪانفرنس ڪهڙي سال ۾ ۽ ڪٿي ٿي؟

ج ٻي اسلامي سربراهه ڪانفرنس 1974ع ۾ لاهور ۾ ٿي.

4 ٻي اسلامي سربراهه ڪانفرنس ۾ ڪيترن ملڪن شرڪت ڪئي ۽ ڪهڙا نعراءَ بحال ڪيا ويا؟

ج ٻي اسلامي سربراهه ڪانفرنس ۾ 40 ملڪن جي وفدن کان سواءِ فلسطين جي آزادي واري تنظيم جي وفد ياسر عرفات جي اڳواڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي.

5 ٽين اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي صدارت ڪنهن ڪئي ۽ اها ڪهڙي ملڪ ۾ ٿي؟

ج ٽين اسلامي سربراهه ڪانفرنس سعودي عرب جي طائف شهر ۾ ٿي. هن ڪانفرنس ۾ سيني شرڪت ڪندڙن اسرائيل جي ڏاڍ کي ننديو ۽ عرب ملڪن جي مؤقف جي ڀرپور حمايت ڪرڻ ۽ فلسطين جي سمورن حقن جي بحاليءَ جو نعراءُ بحال ڪيو ويو.

6 2003 ع ۾ ٽيندڙ اجلاس ۾ مهاتير محمد مسلمان ملڪن کي ڪهڙي اپيل ڪئي؟

ج 2003ع ۾ ٽيندڙ اجلاس ۾ مهاتير محمد مسلمان ملڪن جي سربراهن کي اپيل ڪئي ته اُهي مسلمانن خلاف ٽيندڙ يهودي سازشن جو گڏجي مقابلو ڪن.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. مسلمان ملڪن جي سڀ کان وڏي ۽ فعال تنظيم ___اسلامي ڪانفرنس تنظيم___ آهي.
2. ڪانفرنس ۾ مسلم ملڪن جي ___اتحاد___ تي زور ڏنو ويو.
3. اسلامي ڪانفرنس ۾ ___سربراهه___ ڪانفرنس سڀ کان اعليٰ ادارو آهي.
4. هن ڪانفرنس ۾ سيني شرڪت ڪندڙن ___اسرائيل___ جي ڏاڍ ڪي ننديو.
5. هڪ عالمي ___اسلامي عدالت___ ناهڻ جي رٿ پڻ منظور ڪئي ويئي.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. مسلم ملڪن ۾ اتحاد ۽ پائيپي قائم ڪرڻ لاءِ ___1969ع___ ۾ هيءَ تنظيم ناهي وئي.

(i) 1969ع ✓ (ii) 1979ع (iii) 1989ع

2. پوءِ انهن جدي ۾ ملاقات ڪري ___ست رڪني___ ڪاميٽي ناهي.

(i) پنج رڪني (ii) ڇهه رڪني (iii) ست رڪني ✓

3. انهي سربراهه ڪانفرنس ۾ ___24___ ملڪن شرڪت ڪئي.

(i) 23 (ii) 24 ✓ (iii) 25

4. ٻي سربراهه ڪانفرنس 22 کان 24 ___فيبروري___ 1974ع تي لاهور ۾ رکي ويئي.

(i) فيبروري ✓ (ii) مارچ (iii) اپريل

5. اسلامي سربراهه ڪانفرنس جو ڏهون اجلاس ___ملائيشيا___ ۾ ٿيو.

(i) انڊونيشيا (ii) ملائيشيا ✓ (iii) سعودي عرب

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| افلاس | تنگدستي |
| جملو | دنيا مان غربت، افلاس ۽ جهالت ختم ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن. |
| اعزاز | مرتبو/مان |
| جملو | شهيد راشد منهاس کي عظيم قربانيءَ طور نشان حيدر جو اعزاز مليو. |
| سهڪار | تعاون |
| جملو | اسان کي هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. |
| اسريل | ترقي يافته |
| جملو | دنيا ۾ اهي اُسريل ملڪ آهن جن صنعتي پيداوار ۾ ترقي ڪئي آهي. |
| پائيپي | پائيچارو |
| جملو | سڀني مسلمانن کي پائيپي قائم ڪرڻ گهرجي. |

سبق 10

# مولانا محمد صادق کڏي وارو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حق پرست | حق جو پوڄاري | عالم | علم وارو |
| تحريڪ | هلچل | مجاهد | جهاد ڪندڙ |
| علوم | علم جو جمع | ابتدائي | شروعاتي |
| شفيق | شفقت وارو | مدرس | استاد، درس ڏيندڙ |
| مفتي | فتويٰ ڏيندڙ | جدوجهد | ڪوشش |
| نفرت | حقارت | ڪيس | ان ڪي |
| مهاياري | تمام وڏي | لڙائي | جنگ |
| مدد | سهڪار | عراق | ملڪ جو نالو |
| سرگرم | چست | احترام | عزت |
| دوستاڻا | دوستي وارا | ناتا | تعلق، واسطا |
| رُڪن | ميمبر | سيرت | اخلاق |
| پوشاڪ | لباس | وفات | انتقال |

## سبق جو خلاصو

مولانا محمد صادق 15 مارچ 1874ع مطابق 25 محرم 1219 هجريءَ تي ڪراچيءَ جي محلي "ڪڏي" ۾ ڄائو. انهيءَ ڪري کيس ڪڏي وارو مولانا بہ سڏيندا آهن. مولانا محمد صادق عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم هڪ قابل، تجربيڪار ۽ شفيق استاد مولوي احمد دين وٽ حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم هندوستان جي شهر ديوبند ۾ حاصل ڪيائين. مشهور عالم مولانا عبيدالله سنڌي، مولوي سيد حسين احمد مدني، مفتي ڪفايت الله دهلوي ۽ مولوي سيد انور شاهه ڪاشميري سندس ڪلاسي دوست هئا. شيخ الهند مولانا محمودالحسن جي نگرانيءَ هيٺ تعليم مڪمل ڪيائين.

مولانا محمد صادق اعليٰ ڪردار جو مالڪ هو. هڪ وطن دوست ۽ آزاديءَ جو بي غرض ۽ بهادر سپاهي هو. اسلامي دنيا تي ڌارين جو غلبو

ڪيس هرگز پسند نہ هو. انگريزن جي غلاميءَ کان ڪيس سخت نفرت هئي، جنهن ڪري هن ڏارين جي غلاميءَ کان آزادي وٺڻ جو پڪو پهه ڪيو. بلقان ۽ طرابلس جي جنگ دؤران هندوستان ۾ چندي گڏ ڪرڻ واري ڪم ۾ بہ هن زبردست حصو ورتو. ”سرنا“ ۾ ٽينڊڙ مسلمانن تي ظلم خلاف جلسا ڪرايائين. فلسطين ۾ يهودي رياست قائم ٿيڻ خلاف فلسطين جو مفتي امين الحسني جڏهن 1933ع ۾ ڪراچي آيو تہ مولانا محمد صادق کيس پوري تعاون جو يقين ڏياريو. مولانا جو تعلق ”جمعيت العلماءِ هند“ سان هو. پاڻ جمعيت جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر ۽ سنڌ ۾ ان جي شاخ جو صدر رهندو آيو. مولانا محمد صادق ڪڏي وارو هڪ مستقل مزاج، بزرگ، عالم، خدا ترس، نيڪ سيرت، پرهيزگار، امانتدار ۽ مهمان نواز شخص هو. سندس رعبدار چهرو ۽ وضعدار پوشاڪ سندس شخصيت کي نهايت ئي شاندار بڻائي ڇڏيندا هئا.

پاڻ 18 جون 1953ع تي 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون.

## مشق

### 1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مولانا محمد صادق رحہ ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج. مولانا محمد صادق رحہ 25 مارچ 1847ع مطابق 25 محرم الحرام 1219هہ تي ڪراچيءَ جي شهر ڪڏي ۾ پيدا ٿيو.

2. مولانا محمد صادق رحہ شروعاتي تعليم ڪهڙي مدرسي ۾ حاصل ڪئي؟

ج. مولانا محمد صادق رحہ شروعاتي تعليم مدرسي مظهر العلوم ۾ حاصل ڪئي.

3. ”ديوبند“ ۾ مولانا محمد صادق رحہ ڪهڙي عالم وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي؟

ج. ”ديوبند“ ۾ مولانا محمد صادق رحہ، شيخ الهند مولانا محمود الحسن وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي.

4 جمعيت الانصار ڪنهن جي مدد لاءِ ناهي ويئي؟

ج: جمعيت الانصار ترڪ پائرن جي مدد لاءِ ناهي ويئي.

5 مولانا محمد صادق رحہ ڪهڙي فتويٰ جاري ڪئي؟

ج: مولانا محمد صادق رحہ اها فتويٰ جاري ڪئي ته انگريزن جي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيڻ ۽ ترڪ مسلمانن جي خلاف وڙهڻ ڪفر آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

مولانا محمد صادق رحہ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي ___احمد الدين___ کان حاصل ڪئي.

___1914ع___ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي.

مولانا محمد صادق رحہ کي مسلمان ملڪن مٿان انگريزن جو ___قبضو___ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه هو.

مولانا محمد صادق رحہ کي مرحبا ڪاميٽيءَ جو ___صدر___ چونڊيو ويو.

___انگريزن___ جي غلاميءَ کان مولانا کي سخت نفرت هئي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ابتداء | انتها | عالم | جاهل |
| آزادي | غلامي | وڌائڻ | گهٽائڻ |
| مظلوم | ظالم | نفرت | محبت |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| شفيق | مهربان |
| جملو | الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ شفيق آهي. |
| درسگاهه | مدرسو |
| جملو | هندستان جي مشهور ديني درسگاهه ”ديوبند“ آهي. |
| خدا ترس | رحم دل |
| جملو | مولانا صاحب نيڪ سيرت، خدا ترس، عالم ۽ بزرگ هو. |
| تڪميل | مڪمل |
| جملو | مولانا صاحب ديني تعليم جي تڪميل ڪانپوءِ واپس ڪراچي آيو. |
| حمايت | پٺڀرائي |
| جملو | مولانا صاحب جي انگريزن خلاف ڏنل فتويٰ جي سيني عالمن حمايت ڪئي. |

## ر هيٺين لفظن جا اشتقاق لکو.

| لفظ | اشتقاق | معنيٰ |
|---|---|---|
| درسگاهه | درس + گاهه | تعليمي ادارو، مدرسو |
| پرهيزگار | پرهيز + گار | مُتقي، گناهن کان پاسو ڪرڻ وارو |
| مددگار | مدد + گار | مدد ڪندڙ |